## جيڪڏهن منهنجو ڪو عزيز، مائٽ دوست يا وڪيل ئي ناهي ته پوءِ منهنجي ڪير مدد ڪندو؟

جيڪڏهن ڪو قيدي جنهن جو ڪو عزيز، مائٽ دوست يا وڪيل ناهي ۽ هو اپيل ڪرڻ چاهي ٿو ته سپرنٽنڊنٽ عدالت کي ان قيدي خلاف آيل فيصلي يا Sلاڳاپيل متعلقه سزا واري فيصلي جي ڪاپي لاءِ لکندو جنهن خلاف اپيل ڪرڻي هوندي، جيڪڏهن ساڳئي ڪيس ۾ هڪ کان وڌيڪ ماڻهن کي سزا آيل هوندي ته هڪ جيل ۾ موجود ان ڪيس ۾ شامل سمورن قيدين کي اپيل لاءِ فيصلي جي هڪ ڪاپي ڪافي هوندي.

جيڪڏهن قيدي تعليم يافته آهي ته ڪيس پنهنجي اپيل پاڻ لکڻ جي اجازت ڏني ويندي، جيڪڏهن قيدي لکڻ پڙهڻ جي قابل ناهي ته سپرنٽنڊنٽ هن جي اپيل ڪنهن ٻي فرد يا قيدي کان لکرائيندو پر اها سختي سان ان قيدي جي چوڻ تي ئي لکي ويندي. -(شق 94 جيل مينوئل

## پيراليگل سروسز

قانوني مدد ۽ رهنمائي لاءِ اوهان ليگل ايڊ سوسائٽي جي لاڳاپيل وڪيلن سان رابطو ڪري سگهو ٿا جيڪي روزانو جي بنياد تي جيل ۾ ايندا آهن، وڌيڪ معلومات لاءِ جيل جي سپرنٽنڊنٽ سان رابطو ڪريو.

ليگل ايڊ سوسائٽي پراليگل ٽريننگ پروگرام پڻ ڪرائي ٿي، اهي پراليگل اوهان کي ڪنهن مفت قانوني مدد ڪندڙ وڪيل سان رابطو ڪرائي سگهن ٿا جيڪو توهان جي ڪيس ۾ مدد ڪري ليگل ايڊ سوسائٽي پاران تربيت ڏنل پراليگل جيل اندر پيدا ٿيندڙ جهيڙن کي حل ڪرائڻ ۾ پڻ مدد ڏئي سگهن ٿا، انهن پراليگلز کي قانون، آئين، سرڪار بنيادي حقن، ڏوهه جي قانونن ۽ ڏوهي ڪيسن جي ٻڌٽي، سزا ڏيڻ جي عمل، پوليس جي اختيارن، شهرين جي حقن ۽ ڪرمنل پروسيجر، فيملي لاز، وراثت، جائيداد جي قانونن، جوئينائيل جسٽس، پروبيشن، پرول ۽ قيدين جي قانونن بابت تربيت ڏني ويندي آهي.

اوهان ڪنهن کي به چئي سگهو ٿا ته 0800-70806 تي فون ڪري مفت قانوني صلاح وٺي سگهي ٿو، اهو اوهان جو مددگار به ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪو قانوني مسئلو درپيش آهي ته ان کي به منهن ڏئي سگهي ٿو.

LEGAL AID OFFICE

### جيل جا قانون

# اپيل ۽ پٽيشنون/ درخواستون

هي معلومات توهان کي ليگل ايڊ افس ۽ سنڌ جي جيل کاتي جي مدد سان ڏني پئي وڃي.
هي ڪتابچه وومن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ (حڪومت سنڌ) جي ساهڪار سان ڇپرايو ويو آهي.

## آئون ڪابه پٽيشن يا اپيل ڪيئن داخل ڪري سگهان ٿو؟ ڇا ڪنهن قيدي لاءِ پٽيشن يا اپيل داخل ڪرڻ لاء بهِ ڪا سهوليت هوندي آهي؟

جيل سپرنٽنڊنٽ جيل ۾ اچڻ مهل هر سزا آيل قيدي کي سندس اپيل ڪڏهن داخل ڪرڻي آهي، بابت ٻڌائيندو، جيڪڏهن قيدي پاڻ اپيل ڪرڻ چاهي ته ڪيس ان ڏس ۾ هر قسم جي سهوليت ڏني ويندي، اپيل کي مقرر ڪيل وقت اندر داخل ڪرڻو هوندو آهي-شق 90 جيل مينوئل

هر قيدي سرڪار وٽ معافي لاءِ پيٽيشن/درخواست داخل ڪرائي سگهي ٿو ۽ ان لاءِ ڪيس گهربل سهوليتون پٽيشن لکڻ ۽ جمع ڪرائڻ لاءِ ڏنيون ويندون-شق 101 جيل مينوئل

## خصوصي موڪل لاءِ اپيل يا پٽيشن/درخواست ڪيئن داخل ڪرائي سگهجي ٿي؟.

عدالت مان خصوصي موڪل/استثني حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست صرف سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ داخل ڪرائي سگهجي ٿي، اها درخواست اپيل ڪندڙ پاڻ يا سندس پاران ڪو ٻيو داخل ڪرائي سگهي ٿو. (شق 102 جيل مينوئل)

سپريم ڪورٽ جي قاعدي 1956ع جي مطابق خصوصي موڪل لاءِ درخواست سپريم ڪوٽ ۾ فيصلي جي تاريخ کان پوءِ 30 ڏينهن اندر داخل ڪرائڻي پوندي آهي-شق 103 جيل مينوئل

## جيڪڏهن عدالت خصوصي موڪل لاءِ پٽيشن نه وحي ۽ واپس ڪري ٿي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟

جيڪڏهن سپريم ڪورٽ خصوصي موڪل نه ڏي ۽ اها درخواست واپس رد ڪري ٿي ته سپرنٽنڊنٽ قيدي کي درخواست رد ٿيڻ بابت اطلاع ڏيندو، هو اهو به ٻڌائيندو ته قيدي ستن ڏينهن اندر رحم جي اپيل داخل ڪري سگهي ٿو-شق 104 جيل مينوئل

## آئون اپيل ڪڏهن داخل/فائل ڪري سگهان ٿو؟

اپيل داخل/فائل ڪرڻ لاءِ مهلت جو مدو هيٺ ڏنل آهي جي ٿو-شق 91 جيل مينوئل

| | | |
|---|---|---|
| 1 | مئجسٽريٽ جي فيصلي خلاف ضلعي سيشن جج کي اپيل | سزا کانپوءِ 30 ڏينهن جي اندر |
| 2 | سيشن جج کي اپيل | سزا کانپوءِ 30 ڏينهن اندر |
| 3 | موت جي سزا خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل | فيصلي کانپوءِ 7 ڏينهن اندر |
| 4 | ٻين سمورن ڪيسن ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل | فيصلي کانپوءِ 60 ڏينهن اندر |
| 5 | خصوصي موڪل لاءِ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ اپيل تي پٽيشن | 30 ڏينهن اندر |

## جيڪڏهن مون کي اپيل داخل ڪرڻي آهي ته ڇا آئون پنهنجي ڪٽنب گهروارن، دوست يا عزيزن/مائٽ سان صلاح ڪري سگهان ٿو؟

هر سزا مليل قيدي کي اپيل داخل/فائل ڪرڻ جي مقصد لاءِ پنهنجي عزيزن، دوست يا قانوني صلاحڪار سان روبرو ملاقات جي جوڳي سهولت مهيا ڪئي ويندي، اهڙي ملاقات جيل عملدارن جي نگراني ۾ جيل انتظاميه جي نظرن جي سامهون ٿيندي، جيڪڏهن قيدي جو ڪو عزيز يا نمائندو ان طرفان درخواست داخل/فائل ڪرڻ گهري ٿو ته پاور آف اٽارني/مختار نامو ڏيڻ لاءِ لکپڙهه جا بندوبست ڪري ڏنا ويندا، جنهن تي قيدي پنهنجي صحيح ڪندو يا آڱوٺي جو نشان هڻندو، ان دستاويزن جي جيل سپرنٽنڊنٽ تصديق ڪندو يا سندس غير موجودگي جي صورت ۾ ڊپٽي جيل سپرنٽنڊنٽ تصديق ڪندو-شق 92 جيل مينوئل